© rasailojaraid.com



# قران ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ عورتن جي تعليم جي اهميت ۽ ان جو مقام دورحاضر ۾

Dr. Naheed Arain
Assistant Professor
Department of Comparative Religion & Islamic Culture,
University of Sindh, Jamshoro.

## ABSTRACT

Islam's radical revolutionary call gave women their due status and rights in society Islam believes equality between men and women. Equality does not mean identicality. It means equity. Islam presents the rules of men and women is complimentary rules and not contradictory or conflicting rules. The rules partners with a common set of goals and objectives cannot rules that conflict with each other with each of them having the objective of striving for supremacy.

The status of women in society is neither a new issue nor is it a fully settled one. This paper is intended to provide a brief and authentic exposition of what Islam hands for in this regard. The teaching of Islam are based essentially on the Quran (God's revelation) and Hadith (elaboration by prophet)s.a.w In the light of Quran and sunnah education for women has great importance in which women has right to acquire

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



education without any restriction in researcher topic the focus of study is to highlight then sayings of prophet and commandment of Quran that women is Islam should be judged according to authentic sources of teaching of Islam on the subject and not by observing what individual Muslim do or what any Muslim society does.

## علم جو مفهوم

علم عربي زبان جو لفظ اهي جنهن جي لفظي معني واقف ٿيڻ اهي، ڄاڻڻ،سمجهڻ، ڪنهن شيءِ بابت يقين ٿي وڃڻ وغيره.(1) علم جو ضد جهل (ناداني يا بي علمي) اهي.

اصطلاح ۾ علم ان معلومات کي چيو ويندو اهي جيڪا پنجن حواسن سان حاصل ٿيندي اهي، يعني ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ، ڇهڻ سان جيڪا معلومات حاصل ٿئي.(2) علم هڪ اهڙي انساني صفت اهي جنهن سان ڪنهن شيءِ جي پروڙ يا ادراڪ حاصل ٿيندو اهي. ان لحاظ سان علم هڪ ذهني عمل اهي، جنهن جي ذريعي انسان ۾ نفعي، نقصان، حق ۽ باطل، نيڪي ۽ بدي جي درميان فرق ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي اهي، علم هڪ اهڙي قوت اهي جيڪا انسان ۾ همت، حوصلو، مردانگي، بهادري ۽مزاحمتي شعور بيدار ڪندي اهي.

## علم جو مقصد

اسلامي نقطہ نظر سان علم ۽ تعليم جو مقصد خدا جي رضا حاصل ڪرڻ اهي يعني سٺن اخلاقن سان پنهنجو پاڻ کي سينگارڻ، ٻين کي انهن جي تعليم ڏيڻ،پنهنجي علم جي روشني سان جهل ۽ ناداني جي اونداهين کي هٽائڻ بي علمن کي علم ڏيڻ، سڌي راه تان هٽيل ماڻهن کي سڌي راه ڏيکارڻ،حق کي ڦهيلائڻ ۽ باطل کي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



مٿانئن مطلب ته هر اهڙو علمي قدم کڻڻ جنهن سان انسانيت کي فائدو پهچي ۽ اهو سڀ ڪجهه خدا جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو وڃي.

علم جو اهو مقصد ان ڪري اهي جو انسان جي پيدائش جو مقصد ئي الله تعالي پنهنجي بندگي ۽ پنهنجي رضا حاصل ڪرڻ ٻڌايو اهي. قران ۾ ارشاد اهي

وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون (الذاريات 86)

مون جنن ۽ انسانن کي پنهنجي ٻانهپ لاءِ پيدا ڪيو اهي.

## اسلام ۾ علم جو تصور ۽ ان جي اهميت

اسلامي نقطه نظر سان الله تعالي معلم استاد اهي ۽ سندس سڀئي انبياء عليه السلام به معلم هئا ۽ سڄي مخلوق جي مٿان انسانن کي جيڪا فضيلت ۽ برتري ملي اهي ان جو اصل راز به علم اهي. ارتقائي نظريي جا پيروڪار پهرين انسانن کي جاهل سمجهن ٿا، سندن خيال مطابق انسان جهالت کان علم جي روشني جي طرف ايو اهي پر قراني نقطه نظر سان پهريون انسان عالم هو، سندس علمي فضيلت جي ڪري ئي الله تعالي ڪيس فرشتن کان سجدو ڪرايو هو،(3) فرشتا ته شين جي نالن ۽ حقيقتن کان نا واقف هئا، پر جيئن ته ادم کي انهن جو علم هو ۽ خدا جي پڇڻ تي ادم عليه السلام شين جا نالا انهن جون صفتون ۽ ڪم ٻڌايا ته الله تعالي فرشتن کي سجدي جو حڪم ڏنو (4) ان مان واضح ٿيو ته انسان جي فضيلت ۽ برتري جو اصل راز ئي علم اهي جنهنڪري ڪيس فرشتن جهڙي عاليشان مخلوق کان سجدو ڪرائي ڪيس اشرف المخلوقات جي شرف سان نوازيو ويو.

جنهن وقت ۾ ماڻهو لکڻ پڙهڻ کي عيب سمجهندا هئا ۽ لکائڻ پڙهائڻ کي سردارن جو ڪم سمجهندا هئا ان وقت نبي پاڪ تي جيڪا پهرين وحي نازل ٿي ان ۾ پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو نه رڳو ايترو پر لکائي پڙهائي ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جي به اهميت کي بيان

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڪيو ويو. (5)

## احاديث ۾ علم جي فضيلت ۽ اهميت

علم جي فضيلت ۽ اهميت جي باري ۾ پاڻ ڪريم ڪان تمام گهڻيون روايتون نقل ٿيل اهن مسلمانن مرد توڙي عورت تي هر علم حاصل ڪرڻ فرض اهي (6)

اسلام نہ رڳو ديني تعليم حاصل ڪرڻ جي تربيت ڏني ٿو پر هر اهڙي علم حاصل ڪرڻ جو حڪم ڏني ٿو جيڪا انساني ضرورتن کي پورو ڪري يا انساني دفاع يا انسان تهذيب جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي اهو ئي سبب اهي جو نبي پاڪ جڏهن ايرانين ۽ رومين ڏنهن اسلامي دعوت جا خط لکڻ شروع ڪيا تہ حضرت زيد بن ثابت انصاري کي فارسي ۽ عبراني ٻولي سکڻ لاءِ چيو جيئن جلد ئي ٻئي ٻوليون سکي ورتيون ۽ انهن ٻنهن ٻولين ۾ لکڻ پڙهڻ جي لائق ٿي ويو. اهڙي طرح جڏهن پاڻ سڳورن کي قلعا ڀڃڻ لاءِ ان وقت جي جديد اوزار منجنيق جي خبر پئي تہ پاڻ سونهارن انهن جي هنر حاصل ڪرڻ لاءِ اصحاب سڳورن کي حڪم ڏنو.

قران مجيد ۽ حديث پاڪ ۾ جيڪا علم،عالم ۽ متعلم جي فضيلت بيان ڪئي وئي اهي ان مان اسلام جو علم جي باري ۾ تصور واضح اهي. اهو اهو اهي تہ اسلام سو فيصد پڙهيل لکيل سماج چاهي ٿو. اسلامي نقطہ نظر سان هڪ ماڻهو بہ اڻپڙهيل نہ هجي. اهوئي سبب هو جو مسلمانن علم ڏانهن انتهائي توجہ ڏنو. اسلام کان اڳ بابل،مصر ۽ يونان علمي مرڪز هئا. پر اسلام جي اچڻ کانپوءِ مڪو پاڪ ۽ مدينو شريف، بغداد، دمشق، غرناطہ ۽ قرطبہ علمي مرڪز بنجي ويا. هن وقت يورپ ۾ جيڪا علمي سائنسي ترقي نظر اچي ٿي ان جو بنياد مسلمانن کان ئي ورتو ويو اهي.

لاديني رياستون پنهنجي تعليمي سسٽم کي لاديني رکنديون اهن

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



۽ انهن کي پنهنجي نور حيات مطابق نئي بنائيندڙيون اهن. مثال طور: سوشلزم جا حامي پنهنجي تعليمي سسٽم کي اهڙو رکندا اهن جو ان سسٽم تحت تعليم حاصل ڪرڻ وارا سوشلسٽ ٿي نڪرندا اهن، جڏهن ته تعليم جي سلسلي ۾ اسلامي فڪر (Thought) اهو اهي ته اسلامي رياست جو سڄو تعليمي سسٽم اسلامي (Islamize) ڪيو وڃي، چاهي خالص سائنسي فارمولا به پڙهايا وڃن تڏهن به انهن کي اسلامي رنگ ڏنو وڃي مثال طور ڪجهه هيٺ جملا ڏنل اهن.

1. پهريون انسان عالم هو ۽ انسانيت جي ابتدا علم کان ٿي اهي
2. اسلام علم کي تمام وڏي اهميت ڏني ٿو اسلام سو فيصد لکيل پڙهيل سماج چاهي ٿو
3. اسلام نه رڳو ديني تعليم پر هو اهو علم جن جي انسانن کي ضرورت اهي يا جيڪو انساني تهذيب جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ مددگار ٿي سگهي ان جي حاصل ڪرڻ کي لازمي قرار ڏني ٿو.
4. اسلام چاهي ٿو ته سڄو تعليمي سسٽم اسلامائيز ڪيو وڃي جيئن ان سسٽم تحت تيار ٿيڻ وارا پڪا ۽ سچا مسلمان ٿي نڪرن، جيڪي رياستون سسٽم کي اسلامي انداز ۾ هلائي سگهن.(7)

## قديم تهذيبن ۾ عورت جو مقام و مرتبو ۽ ان جا حقوق

## قديم مصري تهذيب ۾ عورت جي حيثيت

مصري معاشري ۾ عورت جي وڏي عزت هئي. ماٺهو عورت جي تعظيم،شان ۽ ذهانت جي اعتراف ۾ مختلف قسمن جا مجسما نصب ڪندا هئا.

## دور حاضر ۾ عورت جي حيثيت

دور حاضر پنهنجي فڪري فلسفي،تهذيبي تجربي ۽ معاشرتي روين جي باعث دراصل مغربي تجربو اهي مغرب هن وقت دنيا تي غالب

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



قوت اهي، ۽ ان جي تهذيب تقريباً دنيا تي ڇانيل اهي. مغرب جي تهذيبي تجربي جي پسمنظر ۾ انهن جا پنهنجا تاريخي، ثقافتي، فڪري ۽ مذهبي عوامل اهن. دور جديد جي اغاز ۾ عورت جي ذلت جي نفور کي ختم ڪيو ويو. ان جا غصب ٿيل حقوق بحال ڪيا ويا. نڪاح و طلاق جا پهريان قوانين ختم ڪيا ويا. عورت جي حقوق لاءِ جيڪا مهم هلائي وئي اها دراصل ان نظريات تي مبني هئي جيڪا جديد مغرب معاشرت جي بنياد تي هئي اهي هي اهن.

(1) مرد ۽ عورت جي مساوات

(2) عورت جو معاشي استقلال

(3) پنهن صفتن جو ازادانه استعمال (8)

هن ۾ ڪو شڪ نه اهي ته جديد تهذيب عورتن کي تمام گهڻا حقوق ڏنا مثال طور: تعليم جا حق، روزگار جا حق، پسند جي شادي جا حق، ازاد ۽ خود مختيار زندگي گذارڻ جو حق، ووٽ ۽ انتخاب وڙهڻ جو حق. پر غور سان ڏٺو وڃي ته جديد تهذيب ۾ عورت ايتري مظلوم اهي جيتري پهريان مظلوم هئي، امريڪي ٽائيم منگزين (20 مارچ 1972 مطابق) سو سالہ جدوجهد جي باوجود امريڪي عورت ان مقام تي اهي جتي هو سو سال پهريان هئي، ” مردن جي هن دنيا ۾ عورتون صرف هڪ روايتي درجو رکن ٿيون، پر هي ڳالهه ظاهر اهي ته امريڪا جي 400 سال جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ عورت صدر منتخب نہ ڪئي اهي، (21) ان جي ايتري ازادي جي باوجود مغرب جو خانداني نظام تباهه ۽ برباد اهي جنهن تي اج اهل مغرب پريشان اهي، مغربي تهذيب ۾ نڪاح کي بندهن ۽ ٻارن جي پرورش جو بوجھ سمجهڻ لڳا ان وجھ ڪري خانداني نظام تباهيءَ جي ڪناري تي پهچڻ لڳو ۽ خانداني نظام انتشار جو شڪار جي وجھ کان پوڙهن جو ڪوئي سارسنڀال نہ ٿيو ان ڪري مجبورًا حڪومت کي اهڙا ادارا ٺاهڻا پيا جتي پوڙهن کي رکيو وڃي ٿو. جديد تهذيب ۾ ان عورت جي عزت هوندي اهي جيڪا

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڪمائي ٿي حسن و جمال رکي ٿي جيڪا پنهنجي عزت، عصمت، چادر ۽ چار ديواري جي تقدس کي پامال ڪري ٿي. پر ان جي ماءُ جي صورت ۾ زال جي صورت ۾ ڌيءُ جي صورت ۾ ڀيڻ جي صورت ۾ ان جي ڪا به عزت ۽ عظمت نه اهي مغرب ۾ جڏهن عورت پوڙهي ٿئي ٿي، جڏهن ڪمائڻ جي لائق نه ٿي ٿئي، جڏهن پنهنجو حسن و جمال ۽ سڀ صلاحيتون ختم ڪري ٿي ته ان جا اولاد ان کي پوڙهن جي هسپتال ۾ داخل ڪندا اهن جتي هو پنهنجي خطرناڪ زندگي جا اخري ڏينهن گذاري پورا ڪري ٿي.(9)

## اسلام ۾ عورت جو مقام و مرتبو، عزت ۽ عظمت

اسلام جي نظر ۾ پيدائشي طور تي مرد ۽ عورت ٻئي عزت ۽ احترام جي لائق اهن، انهن مان ڪوبه پيدائشي طور تي خراب نه اهي ۽ الله تعالي کين پنهنجي ٻيئي گهڻي مخلوق تي فضيلت ۽ برتري عطا ڪئي اهي، قران مجيد ۾ ارشاد اهي ولقد ڪرمنا بنا ادم اسان ادم جي اولاد کي قابل احترام بڻايو اهي پوءِ چاهي اهو مرد هجي يا عورت، جنهن طرح ڌيءُ ادم جو اولاد اهي اهڙي طرح پٽ به ادم جو اولاد اهي.ان ڪري اهي سڀئي احترام جا لائق اهن.

اسلام جي نظر ۾ فضيلت ۽ برتري جو دارومدار جنس ۽ صفت تي نه اهي بلڪ ايمان ۽ نيڪ عمل تي اهي پوءِ جيڪو نيڪ عمل ڪندو اهو الله تعالي وٽ عزت ۽ مرتبي جو مستحق ٿيندو.

اسلام جي نظر ۾ مرد ۽ عورت جا هڪٻئي تي هڪجهڙا حق اهن جيئن ارشاد اهي: ولهن مثل الذي...... " عورتن جا حق به اهي اهن جيڪي قاعدي جي موافق توهانجا حق انهن تي اهن" اسلام ۾ جهڙي طرح ڪنهن مرد جي قاتل تي قصاص اهي اهڙي طرح، عورت جي قاتل تي به قصاص اهي انهن ٻنهن ۾ ڪو به فرق نه ورتو ويندو اهي.

مسلمانن کي پنهنجي ڌيئرن کي تهذيب سيکارڻ جي زياده ضرورت اهي ان ڪري جو فرد کان وٺي خاندان ۽ معاشري تائين عورت

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



جو اهم ڪردار اهي ۽ ماڻهن ۾ سڀ کان گهٽي ذميداري ان جي سر تي اهي اولاد جي تربيت، انسانيت ۽ زندگي جي حق ۾ ان جو اهم ڪردار اهي. عورت ۽ مرد هڪ اهن جيڪڏهن مرد مان غلطي ٿئي ٿي ته عورت مان به غلطي ٿي سگهي ٿي ۽ اخرت ۾ جيڪا سزا اهي اها مرد ۽ عورت ٻنهن لاءِ هڪجهڙي اهي جيڪو گناه ۾ ملوث هوندو اهو ان جي سزا جي لائق هوندو ان طرح نيڪي جو ثواب به ان طرح اهي اهڙي طرح دنيا ۾ ڪنهن نيڪ عمل يا جرم جي سزا به ٻنهن لاءِ برابر اهي. الله تعالي قران ۾ مرد ۽ عورت کي پابندين لاءِ برابر قرار ڏنو اهي ارشاد اهي قل المومنين يغضو من ابصارهم . . .

"چئو مومنين کي ته پنهنجيون نظرون جهڪائن ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن، هي ان لاءِ پاڪائي جوذريعو اهي بيشڪ الله تعالي انهن جي اعمالن مان باخبر اهي ۽ چئو مومنين کي ته اهي پنهنجيون نظرون جهڪائين ۽ پنهنجين شرمگاهن جي حفاظت ڪن."

اسلام ۾ مرد ۽ عورت ٻئي برابر اهن نه مرد پنهنجي مردانگي جي سبب ان کان برتراهي نه عورت پنهنجي نسوانيت جي باعث ان کان گهٽ اهي. اسلام جي شرائط جي مطابق بعيت تي هر انسان کي اجر ملي ٿو پوءِ چاهي اهو مرد هجي يا عورت.

## عورت علمي ميدان ۾

جڏهن عورت دين اسلام جي عقيدي تي ايمان اندو ان جي دل پاڪ ٿي ۽ هميشه بت پرستي کان انڪار ڪيائين ان عقيدي لاءِ ان سخت عذاب ۽ ظلم سَٺا.

عورت اسلامي شريعت ۾ مرد جو هر ميدان ۾ ساٿ ڏنو اهي پوءِ چاهي اهو عقيد جو ميدان هجي يا تعليم و علم جو ميدان هجي.عورت علم ۾ خوب محنت ڪئي ۽ حڪمت جي ذريعي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ بي شمار مردن جي اڳيان پنهنجو سر بلند

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڪيوهن علم ڪانسواءِ دعوت، هجرت ۽ جهاد ۾ انتهائي محنت ڪئي ۽ بي شمار رهنمائن لاءِ حجت بڻجي.

هاڻي مسلمان عورت مردن سان گڏ عقلي ۽ نقلي علومن ۾ مهارت اهي جنهن ۾ علم تفسير، علم حديث، علم فقه ۽ اجتهاد، ادب، شعر، خطابت، ڪتابت، طب جو علم، سياست، روايت، تاريخ، تدريس شامل اهن انهن ۾ مهارت حاصل ڪري هو اسلامي ملڪن جي تعليم و ترقي ۾ حصه دار بڻجي ۽ هڪ نئون جهان ۽ انسانيت لاءِ نئون تمدن قائم ڪيو.

شريعت اسلاميه ۾ تعليم و معلم جو عظيم شان اهي، چو ته اسلام جو قافلو الله تعالي جي حڪم سان شروع ٿيو جيڪا قران ڪريم جي اولين اولين ايات اهن. ارشاد اهي اقرا باسم. . .

پڙهه پنهنجي ان رب جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو انسان کي ڄميل خون مان..10

## علم حاصل ڪرڻ سڀ جو حق ۽ سڀ تي واجب اهي

شريعت اسلاميه ۾ علم کي صرف حق نه سمجهيو ويو پر ان کي واجب چيو ويو اهي ان ڪري شريعت اسلاميه علم حاصل ڪرڻ جو حڪم ڏنو نبي ڪريم ڪان ارشاد اهي: "علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض اهي." ماڻهو پنهنجي پاڙيوارن کان علم حاصل ڪن ۽ پاڙيسري پنهنجي پاري وارن کي علم سيکارين ورنه الله جي سزا جلد انهن کي پڪڙيندي مونکي معلم ۽ بشارت ڏيڻ وارو ڪري موڪليو ويو اهي، جيڪو شخص دنيا حاصل ڪرڻ چاهي اهو علم حاصل ڪري، جيڪو شخص اخرت حاصل ڪرڻ گهري اهو به علم حاصل ڪري جيڪو پنهين کي حاصل ڪرن گهري اهو به علم حاصل ڪري، ان ڪري رسول مختلف جڳهن تي وفد موڪليا تعليم لاءِ انهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



(1) فرض عين
(2) فرض ڪفايه

## (1) فرض عين

هي اهو علوم اهي جيڪو عبادتن تي خاص اهي جنهن جو سڪڻ مسلمان مرد ۽ عورت تي واجب اهي. مثال طور نماز روزو، زڪوات، حج وغيره ان طرح ٻيا علوم مثال علوم القران، حديث، سنت ۽ اهي علوم جنهن جي حصول سان بندي ۽ پانهي جي وچ ۾ عبادت ۽ عقيدي جو تعلق اهي ۽ ان جو تعلق معاشري جي مظبوطي لاءِ اهي. باالعلم ۾ اهي ته هر بالغ عاقل مسلمان تي واجب اهي ته هو حلال۽ حرام جو علم سڪڻ ضروري اهي جيئن هو حق وباطل، خيروشر حلال ۽ حرام ۾ فرق ڪرڻ ڄاڻي ۽ هي علوم بغير علم حاصل ڪرڻ جي ٿئو اڇي چاهي اهو مرد هجي يا عورت هجي. دين اسلام فقط عبادت جو دين نه اهي پر هي معاملي جو دين اهي ۽ دنيا و اخرت جو دين اهي.

## (2) فرض ڪفايه

اهو علم جنهن جو سڪن فرض ڪفايه اهي هي اهو علوم اهي جيڪو هر بالغ عاقل تي فرض اهي انهن جو سڪڻ مطلوب اهي مثال، طب، زراعت، نرسنگ، انجنيئرنگ، تجارت وغيره ۽ ٻيا فنون جيڪي انساني زندگي ۾ شامل اهن. انهن علومن ڪي جيڪڏهن ڪو شخص به حاصل ڪري ته ٻين جي ذميداري اهي ته ان ڪان سڪن.

عالم وجود ۽ مهبت جو اهو رشتو جنهن جي ذريعي قران مومن ڪي مظبوط ڪري ٿو انهن جي معرفت نفس انساني ۽ عقل ۾ عقيدي جي بنياد اهي.

صحيح عقيدي سان صحيح علم حاصل ٿيندو اهي چو ته جيڪڏهن صحيح عقيدو هوندو ته پوءِ انسان پنهنجي علم مطابق

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



غوروفڪر ۽ سمجهه جي دعوت ڏني ٿو.

الله تعالي جي ڪرشمه قدرت ۽ ڪارخانه قدرت کان اڳاهي حاصل ڪئي وڃي ۽ ان جون نشانيون تبديل ٿيون ٿين. هي الله جي ڪارسازي اهي جيڪو هر شيءِ کي مظبوط بڻائي ٿو.

عهد نبوي ۽ خلافت راشده ۾ تعليم لاءِ درسگاهون مساجد ۽ مڪاتب يعني مدرسا ۽ ڪٿي ڪٿي عرب جون جڳهون هيون پر اصل درسگاهون مساجد مڪي ۾ مسجد حرام، مديني ۾ مسجد نبوي، مسجد قباء ۽ ان طرح تمام مساجد ۾ علماء ۽ طلباء درس ڏيندا هئا ۽ پڙهندا هئا ۽ علم جو تزڪرو ڪيو ويندو هو اڄ به اهو جاري اهي.

خواتين به تعليم حاصل ڪنديون هيون اهي نبي ڪريم کان پڌنديون هيون ۽ علم ۽ تعليم حاصل ڪنديون هيون جڏهن عورتن جو تعداد گهڻو ٿي ويو ته اهي مسجد ۾ اچڻ لڳيون ۽ انهن جي گهڻي اچڻ ڪري پاڻ انهن لاءِ مسجد نبوي ۾ هڪ دروازو مختصر ڪيو جنهن مان هو اينديون هيون ۽ ان دروازي کي باب النساء يعني عورتن جو دروازو جو نالو ڏنو ويو اڄ به جيڪو شخص مسجد ۾ ويندو اهي ته اهو دروازو نظر مان ڏسندو اهي.

## شريعت اسلاميه ۾ تعليم جي ترغيب ڇوڪرين لاءِ

شريعت اسلاميه ڇوڪرين جي تعليم تي ترغيب ڏيندي رهي اهي خود نبي ڪريم ڇوڪرين جي تعليم تي زور ڏنو اهي. پاڻ جن جو هڪ ارشاد اهي جنهن وٽ ٽي ڌيئرون يا ٽي ڀيڻون اهن ۽ هو انهن کي تعليم ڏياري ۽ ادب سيکاريو انهن جي باري ۾ الله کان خوف ڪيو ته ان لاءِ جنت اهي.

عورتن جي تعليم جو مقصد هي اهي ته تعليم يافته خواتين جي هڪ جماعت تيار ٿئي ۽ بعد ۾ تهذيب جي حامل هي خواتين مردن کان پوئتي نه رهن ڪنهن وقت ۾ عورت مرد کان علم ۾ اڳتي هئي،

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



عورت اوائل اسلام ۾ علوم دينيہ، ادب، طب وغيره علوم حاصل ڪيو ۽ بعد ۾ اهي عورتون ماهر فتنہ مجتهده اديبہ ۽ بي شمار علوم جي ماهر جي صورت ۾ سامهون ايون.

## بي شمار علوم ۾ ماهر خواتين، اهي خواتين جيڪي مختلف علوم ۾ ماهر هيون

انهن ۾ بيبي فاطمہ بنت رسول حضرت عائشہ صديقہ بنت ابي بڪر حضرت حفصہ بنت عمر امهات المومنين سيد خديجہ اسماء بنت ابي بڪر اُم عماره وغيره شامل هئا.

### ماهر فقہ خواتين

فقہ جي ماهر خواتين ۾ زينب بنت سلمہ حضرت عائشہ ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ عالم فقہ هيون.

### مجتهد و مفتي خواتين

حضرت اُم سلمہ، حضرت صفيہ، حضرت اُم حبيبہ، حضرت جويريہ، حضرت ميمونہ، بيبي فاطمہ بنت رسول،حضرت زينب بنت سلمہ، بيبي اسماء بنت ابي بڪر هن ميدان ۾ شامل هيون.

### مفسرين قران

مفسرين قران ۾ حضرت عائشہ سرفهرست اهي عروه چوي ٿو تہ مان حضرت عائشہ کان وڌيڪ قران و عالم نہ ڏٺو.

### محدث خواتين

حديث جي عالم ۾ حضرت عائشہ سرفهرست اهي هن مان (2210) حديثون روايت ٿيل اهن.

حضرت ام سلمہ مان (378) حديثون روايت اهن. ان طرح حضرت ... حبيبہ، بيبي حفصہ، بيبي فاطمہ، اسماء بنت يزيد،

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اسماء بنت ابي بكر اسماء بنت عميس رضي الله عنهما انهن سڀني جو نالو حديث جي عالم ۾ اچي ٿو.

## اديب شاعر وكاتب خواتين

اروای بنت عبدالمطلب پاڻ جي پڦي شاعره هئي، پاڻ فناء بنت عمروالسلميہ كان شعر ٻڌندا هئا ۽تعجب فرمائيندا هئا. زينب بنت العوام حضرت زبيرجي ڀيڻ به شاعره هئي، شيماء بنت حارث پاڻ جي رضاعي ڀيڻ هئي هي ننڍپڻ ۾ شعر چوندي هئي.

حضرت حفصہ رضہ پنهنجي هٿ سان تعليمات رسول لكندي هئي. كجھ خواتين معلم و متعلم هجڻ جي حيثين سان مشهور ٿيون اهن انهن ۾ فاطمہ بنت الخطاب حضرت عمر جي ڀيڻ هئي ان حضرت جناب كي سورت طہ سيكاري هئي. شفاء بنت عبدالله عدويہ حضرت حفصہ كي كتابت سيكاري ان جي تعليمات رسول لكڻ سيكاريو.

## طب ۾ ماهر خواتين

پاڻ جي اخري عمر ۾ حضرت عائشہ عربن جي مشوري سان علاج كندي هئي.

## زينب بنوداود جي معالج

هي طب كي ڄاڻن واري خاتون هئي، اكين جي علاج تي پاور ركندي هئي هي طب ۾ مشهور هئي هنجو عرب جي تاريخ ۾ نالو اچي ٿو. هي اندروني بيمارين جي به ماهر هئي.

## ام الحسين بنت قاضي ابو جعفر طمخالي

هي خاتون طب كانسوا٣١ ٻين علومن تي به ڄاڻ ركندي هئي ٻيون به اهڙيون خاتون اهن جيكي رفاقت نبوي ۽ ان جي غزوات ۾

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



طب جا فرائض سرانجام ڏينديون هيون. پاڻ انهن لاءِ پر امن جڳهين، قلعن تي انتظام فرمائيندا هئا.جتي هي عورتن زخمي مسلمانن جو علاج ڪنديون هيون. انهن ۾ ڪجهه خواتين هي اهن.

## (1) حضرت فاطمة الزهراء

هي غزوه احد ۾ پاڻ سان شريڪ هئيءَ خود پاڻ جي مرهم پٽي ڪئي.

## (2) حضرت رفيده اسلميه

هي مجاهد خاتون هئي پاڻ هن کي مسجد نبوي جي ويجهو خيمو کوڙي ڏنو ۽ فرمايو هي جنگ خندق جي زخمين جو علاج ڪندي.

## (3) اميه بنت قيس

هيءَ 17 سال جي عمر ۾ طب ۽ تيمارداري کان واقف ٿي. جنگ خيبر ۾ پاڻ سان شريڪ ٿي هن جنگ خيبر جي فتح بعد زخمين جو علاج ڪيوبعد ۾ پاڻ هن کي انعام طور تي هر ڏنو جڏهن هن وفات ڪئي ته وصيت ڪئي ته اهو هار هن سان گڏ دفنايو وڃي ۽ وصيت موجب ايئن ڪيو ويو. هي پهرين خاتون اهي جنهن کي پاڻ نشان امتياز ڏنو.

## (4) ربيع بنت معوذ الفاريه

هي پاڻ جي غزوات ۾ شريڪ ٿيندي هئي ۽ زخمين جو علاج ڪندي ۽ انهن کي پاڻي پيئاريندي هئي ۽ شهداء کي مديني روانو ڪندي هئي.

## عورت جو ٻين علومن ۾ حصو

مسلمان عورتن ٻين علوم جي ميدان ۾ حصو ورتاڻون پر انهن

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



جي تهذيب جي سياست اجتماعي مصالح،مناصب ڪبري خلافت وقفاء وغيرو ۾ زراعت کان دور رکيو. حضرت بي بي حفصہ مسلمانن جي مقدس ڪتاب کي ضايع ٿيڻ کان بچايو ۽ محفوظ رکيو. عورت ٻين علوم عقليہ ۾ بہ حصو ورتو۽ پنهنجو پاڻ کي مڃايو. علم ڪيمياء علم معاشيات، علم عمرانيات، ۾ ماهر عورتون هيون جيڪي پنهنجي دور ۾ مشهور هيون.

## علم اقتصاديات

شريعت اسلاميہ غور ۽ فڪر ڪرڻ واري عورت تي جائز حق رکيا ۽ اهي خريدوفروخت ڪن. ان ڪري شريعت اسلاميہ عورت کي مالي ۽ شهري حقوق جو تحفظ ڏنو اهي هو پنهنجي ملڪيت ۾ ميراث جو حصو وٺي سگهي ٿي جيڪڏهن ان وٽ ملڪيت گهٽي اهي تہ پوءِ هو پنهنجي ملڪيت مان تجارت ڪري سگهي ٿي ۽ ان لاءِ ڪو بہ قانون روڪي نٿو سگهي. سواءِ مڙس جي اجازت ڪانسواءِ جيڪڏهن مڙس اجازت ڏئي تہ پوءِ تجارت ڪري ۽ جيڪڏهن اجازت نہ ڏئي تہ پوءِ هوءِ نٿي ڪري سگهي. عورت پنهنجي ديني فنون ۾ محنت ڪري ۽ اها محنت ۽ ڪوشش اندهيرن مان ڪڍي انسان جي ترقي ۽ بزرگي عزت و عظمت ۾ ان جو قدم ٿئي ٿو.

## سماجي خدمت ۾ عورت جي شرڪت جو حق

اسلام عورت کي هي حق ڏنو اهي تہ هو پنهنجي عزت ۽ عصمت جي تحفظ سان جتي سماجي ڪري سگهي ٿي ڪري. صحيح بخاري ۾ روايت اهي تہ حضرت ربيع بنت معوذ فرمايو ”عورتون رسول سان جهاد ۾ نڪرنديون هيون مجاهدين کي پاڻي پيئارينديون هيون ۽ جيڪي مجاهدين شهيد ٿيندا هئا انهن کي خيمن ۾ اٿينديون هيون“ ظاهر اهي تہ حالت جنگ ۾ مجاهدين جي خدمت ڪا وڏي مشڪل ۽ سماجي خدمت نٿي ٿي سگهي. جڏهن اسلامان کي ايتري

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



سخت ۽ مشڪل وقت تي سماجي خدمت جو حق ڏنو اهي ته باقي اوقات ۽ حالات ۾ انهن جو خدمت خلق جو حق ڪيئن ڪسيو ويندو بشرطيڪ ان جي عزت ۽ عظمت محفوظ رهي.

## سياسي حقوق

انسان مرد ۽ عورت پنهن جو گڏيل نالو اهي ۽ عورت مرد سان گڏ بقا جي رستي ۾ شريڪ اهي، مرد تنها علم و عمل جي چئلينجن جو سامهون نٿو ڪري سگهي، معاشري جي نفعي و نقصان ۾ عورت ڪنهن تماشائي جي طرح غير متعلق رهي نٿي سگهي، چو ته معاشري جي بنائڻ ۽ بگاڙڻ اصلاح وفساد ۾ ان جو پنهنجو نقصان هوندو اهي ۽ معاشري جو فائدو ان جو پنهنجو فائدو هوندو اهي. معاشري ڪي خير جي بنيادن ڪي قائم رکڻ ۾ مدد ڏيندي اهي لازماً هو شر جي رستي جي مخالفت ۽ مزاحمت به ڪندي، نيڪين جي خير مقدم ڪندي ته برائين تي احتجاج به ڪندي. اهو ان جو فطري حق اهي جيڪو ان ڪي اجتماعي زندگي ان ڪي عطا ڪيو اهي. اسلام ان جي ان حق ڪي تسليم ڪيو ۽ زندگي جي معاملات ۾ خواه هو انفرادي هجي يا اجتماعي ان ڪي پنهنجي جذبات و احساسات راءِ ۽ خيال پسند ناپسند جي اظهار جي اجازت عطا ڪئي اهي. هي اظهار پنهنجي حدود جي اندر زبان وبيان، تحريروانشاء غرض جنهن ذريعي به هو ته اسلام ان ڪي ڪائي حد نٿو عطا ڪري بلڪ ان تي اياري ٿو. قران ۾ ارشاد اهي:

والموءمنين والموءمنت بعضهم اولياء بعض. . .

مومن مرد ۽ مومن عورتون سڀ هڪ ٻئي جا رفيق اهن ڀلائي جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائي کان روڪين ٿا12

اهي سڀ پاڻ ۽ انکان بعد اصحاب ڪرام امور خانه کان وٺي امور ملڪيت تائين عورت کان مشورو وٺندا هئا ۽ ان تي عمل ڪندا هئا. حديبيه جي مشهور صلح قريش ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جن شرائط

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



تي ٿي ابتدا ۾ ان مان مسلمانن جي اڪثريت خاموش هئي. ان مان هڪ شرط هي به هو ته مسلمان ان سال عمره ڪرڻ کان بغير واپس ويندا. ان شرط جي وجه کان رسول الله صحابه کي حديبيه جي مقام تي احرام کولڻ ۽ قرباني ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پر صحابه جا جذبات ان وقت ايترا گرم هئا جو ان وقت حڪم جي تعميل نظر نه پئي اچي پاڻ پنهنجي گهر واري اُمِ سلمه سان ان واقعي جو ذڪر ڪيو ان صحابه جي نفسيات کي رعايت ڏئي هڪ انتهائي دانشمند مشورو ڏنو ته پاڻ ڪنهن سان وڌيڪ گفتگو نه ڪيو ها بلڪه جو مراسم ادا ڪرڻي هئي اها ادا ڪيو. پوءِ ڏسو ها ته ڪهڙي طرح ماڻهو ان تي عمل ڪن ها. چو ته پاڻ کي ڏسي صحابه ڪرام فوراً پيروي شروع ڪن ها "اسلام عورت جي عزت ۽عظمت جي تحفظ ۽ پرده داري جي پيش نظر ان کي سربراه مملڪت پسند ڪرڻ نٿو ڪري" پر ان کي ووٽ ۽ قانون سازي جو حق ڏئي ٿو چو ته سورة ممتحنه جي ايت نمبر 12 ۾ پاڻ عورتن لاءِ ڪجهه شرائط تي بيعت ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ۽ لفظ بيعت اڄڪلهه اليڪشن جي مفهوم لاءِ شامل ٿئي ٿو. چو ته پاڻ الله جو رسول هو ۽ سربراه مملڪت به هو ۽ بيعت مان مراد انهن کي سربراه حڪومت تسليم ڪرڻ هو ان جو مطلب هي ٿيو ته اسلام عورت کي 1400 سال پهرين ووٽ جو حق ڏنو جڏهن ته انگلينڊ ۾ عورت کي (1928ع) ۾ هي حق مليو اهو سبب هو جو حضرت عمر فاروق جي شهادت کان بعد خليفه جي انتخاب جو مسئلو ٿيو ۽ اهلل شوري هي ذمه داري حضرت عبدالرحمان بن عوف جي حوالي ڪئي ته هن خليفي جي انتخاب جي سلسلي ۾ مديني جي مردن کان راءِ ورتي ۽ اتي پرده نشين عورتن کان به مشورو ورتو "شفاءُ بنت عبدالله جيڪا نهايت عقلمند ۽ مهر فراست واري عورت هئي حضرت عمر ان جي راءِ کي وڏي اهميت ڏيندو هو هڪ دفعي حضرت عمر هڪ عورت جي مهر گهٽ مقرر ڪئي ۽ هڪ عورت جي ترديد ڪئي ۽ حضرت عمر

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



پهنجي اها غلطي تسليم ڪئي مطلب اسلام عورت کي سياسي معاملات ۽ قانونسازي ۾ حصو وٺڻ جو حق ڏنو اهي ۽ دليل جي زبان ۾ جيڪا ڳالهه ڪندي اها قانون جو حصو بڻجندي.

عورت جي حقوق جو مطالبو ڪثرت سان منتقل ٿي رهيو اهي ۽ ان کي ان مطالبي تي اقوام متحده جي چارٽر ۾ باقاعده شق رکي وئي اهي ان چارٽر جي اولين شرط هي اهي ته انساني حقوق جو احترام بغير ڪنهن رنگ ونسل جنس،زبان ۽ دين جي فرق بغير ڪيو وڃي ۽ اهو عالمي منشور اقوام متحده ۾ (1947ع ۾ ) جاري ٿيو شق هيءَ اهي ته عورت ۽ مرد جڏهن بالغ ٿين ته انهن کي ازدواجي تعلق قائم ڪرڻ جو پورو حق اهي ۽ ان جا حقوق شادي ڪرڻ وقت ازدواجي زندگي ۾ ۽ عليحدگي ۾ برابر احن ۽ اهي تعلق رضامندي جي طرفان شادي ۾ مڪمل رضامندي سان برقرار رهي سگهن ٿا. ان تي ڪوئي جبر نه ڪيو وڃي، شق18 ۾ هي اهي ته هر شخص کي فڪر ذهن ۽ مذهب جي ازادي حاصل اهي ۽ هي هڪ ئي وقت مرد ۽ عورت پنهي جا حق اهن.

1. عورت جي حقوق جو احترام ان بنياد تي ڪيو وڃي ته هي انساني حقوق جو جز اهي.

2. عورت ۽ مرد کي برابري جي بنياد تي هر سطح تي سياسي زندگي حڪومت ۽ فيصلن ۾ نمائندگي ڏني وڃي.

3. پنهن جي وچ ۾ مساوات جو مفهوم جا تمام قوانين، اقدامات داخل ڪيا وڃن.

4. عورت جو مالي بحران ختم ڪيو وڃي ۽ ان جون لڪيل رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن.

5. عورتن کي ذرائع امدن ۾ دخل امدني جي حصول کي اسان بڻايو وڃي.

6. عورت لاءِ تمام ضروري سهولتون مثال طور تعليم ۽ تربيت

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



وغيره جي حصول جي ضمانت ڏني وڃي ان جا حق ٽيڪنالاجي ۽ ٻين علوم ۽ ملڪيت اراضي جي حقوق کي ممڪن بڻايو وڃي.

7. عورت کي جنسي ازادي نه ڏني وڃي، ازادي جي مرضي سان ناجائز اولاد پيدا ڪيا وڃن ٿا. ايتري ازادي تي سخت دٻاءُ وڌو وڃي ۽ اولاد جي پرورش وغيره ۾ ان لاءِ وسائل جي حصول جي اجازت ڏني وڃي.

8. عورت جي حقوق جو احترام ڪيو وڃي ان طرح خفيه معلومات ۽ خفيه بيمارين جي باري ۾ ان کي معلومات سان روشناس ڪيو وڃي ۽ ان ۾ والدين جي ڪردار کي اهميت ڏني وڃي.

9. عورت ۽ مرد جي فرق جي تمام مخالفت جي امتيازات کي ختم ڪري انهن کي سخت سزا ڏني وڃي.

10. اعضاء تناسل جي بگاڙڻ تي پابندي عائد ڪئي وڃي.

11. عورت تي ظلم و تشدد ۽ ان جي تمام اجتمائي، اقتصادي ۽ اغوا براءِ جنسي تشدد ۽ جسماني نفسياتي تشدد عورتن جي خريدوفروخت زبردستي شادي تي سزا مقرر ڪئي وڃي.

12. مقامي عورتن جي حالت بهتر ڪئي وڃي.

13. مقامي ۽ عالمي سطح تي روزگار جي مواقع ۾ عورت جي ڪوٽا مقرر ڪئي وڃي.

14. غريب ملڪن جي عورتن جا قرض معاف ڪيا وڃن ۽ انهن جي قرض جو بوجھ هلڪو ڪيو وڃي.

15. غير حڪومتي تنظيمن اين جي اوز خصوصاً خواتين جي حقوق لاءِ ڪم ڪرڻ وارن تنظيمن جي معاشري ۾ تبديلي لاءِ ان جي فعالي ڪردار کي حوصله افزائي ڪئي وڃي.

16. گهريلو زندگي ۾ عورت جو مرڪزي ڪردار ماءُ بڻجڻ جي اهميت ۽ خاندان جي اجتماعي سطح تي اهم حيثيت قرار ڏنو وڃي.

17. عورت ۽ مرد جي وچ ۾ گهريلو اقتصادي زندگي ۾ ذمه

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اهميت مرد لاءِ تسليم ڪئي وني اها عورت لاءِ بہ تسليم ڪئي وئي اهي انهن ٻنهي جي وچ ۾ عزت ۽ اهميت جو لحاظ فرق صرف جاهل قومن ڪيو. انهن قومن صرف مرد ۽ عورت ۾ فرق نہ پر مرد ۾ فرق ڪيو گوري کي ڪاري تي اهميت ڏنائون يعني انسان نسلن کي ٻئي نسلن تي فوقيت ڏني ۽ انهن ڪارن کي گورن جو غلام بنايو ۽ بعد ۾ انهن سان جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو ۽ جڏهن اسلام جي روشني طلوع ٿي تہ هن عورت کي ماءُ ڀيڻ زال جو درجو ڏنو. عورت ۽ مرد کي برابر حقوق معاشري ۾ ڏنا. بعد ۾ ڇوڪري بالغ ٿيڻ بعد مرد جي رفيق حيات ڪرڻ بعد ان جي عزت ۽ اهميت جو خيال مساوي طريقي سان رکيو ۽ ذميداري جو سارو بوجھ مرد تي رکيو عورت تي نہ رکيو، عليحدگي جهڙو هٿيار مرد کي ڏنو اهڙو هٿيار عورت کي بہ ڏنو. مرد ۽ عورت جي عزت ۽ اهميت جي لحاظ سان هڪ مقام ڏئي الله تعالي مرد ۽ عورت ۾ جسماني فرق رکيو ان ضرورت ۾ انساني زندگي کي مختلف رعايات ڏنا اهن.مرد جي زندگي عورت جي شريڪ حيات ٿيڻ تي مڪمل ٿئي ٿي. ۽ عورت جي زندگي بہ مرد سان شريڪ حيات ٿيڻ تي مڪمل ٿئي ٿي ۽ ٻنهن ۾ جيڪو تنها زندگي تي اڪتفا ڪري ٿو ان جي زندگي ۾ خلا باقي اهي، جيڪا زندگي جي مختلف موقعن تي ان کي پريشان ڪن ٿا ۽ ان دشواري جو حل صرف ٻنهن جي گڏ رهڻ ۾ اهيءِ انهن ٻنهن ۾ اهي خصوصيتون اهن جيڪي ٻئي هڪٻئي جون ڪميون پوريون ڪنءِ هڪ ٻئي جي ضروريات کي پورو ڪن ان ضروريات جو مطلب صرف خواهش نفس کي پورو ڪرڻ نہ اهي پر ان زندگي جي خلاء کي ٻئي جي صلاحيتءِ خصوصيت سان پر ڪري مرد جيڪڏهن ٻاهر جي تقاضائن کي پورو ڪري ٿوتہ عورت گهر جي اندر جي تقاضائن کي پورو ڪري ٿي.اولاد جي ضروريات اهي اها صرف ماءُ مان پوري ٿئي ٿي ۽ پيءُ کان پوري ٿئي ٿي. انهن ٻنهن ۾ هڪ کي گهر جونيئر ۽ ٻئي کي جونيئر بڻجڻو پوي ٿو.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اڄڪلهه جنهن حالات ۾ عورت گذري رهي اهي ان ۾ عورت جو پنهنجو قصور اهي ۽ اها پنهنجي عزت ۽ عظمت جي پوري حفاظت نٿي رکي. عورت جڏهن به ظلم وتشدد يا مصائب جي ور چڙهي اها هن جي لاعلمي وجه ڪا ڪاڏي ان جو پنهنجو حقوق قوانين کان بي خبر رهڻ اهي اها ان جي بربادي لاءِ ڪافي اهي پاڪستان پر دنيا ۾ اڄڪلهه ٿورت ڪي پالتو ڪتو، غلام سمجهيو وڃي ٿو. ان جي وجهه اها اهي ته عورت ان جي خلاف ڪڏهن به احتجاج نه ڪيو اهي.1400 سال اڳ عورت کي هڪ حقير شيءِ سمجهيو ويندو هو ان وقت جانورن کان به بدتر سلوڪ ڪيو ويندو هو. حضرت محمد انقلاب اندو ۽ عورت کي هڪ مقام ڏنو. قران پاڪ مسلمانن جو نه بلڪه پوري عالم انسانيت جو بهترين قانون اهي دنيا ۾ جيترن نون ممالڪن ۽ معاشرن تهزيب حاصل ڪني اهي قران ڪريم کان فيض ٿيا. دنيا ۾ جيڪو بهترين قانون ۽ نظريو ڏنو اهو پاڻ ڏنو.

جيستائين پنهنجي رسمن جو تعلق اهي جيئن ڪارو ڪاري ڪرڪري انهي تحت مال غنيمت جي طرح عورت جو تبادلو ڪيو وڃي ٿو. عورت خود پنهنجي قدرومنزلت نه چاتي،عورت اشتهارات تي نظر اچي يا گهر ۾ ويهي مردن تي بوجهه بڻي عورتن لاءِ جنت پيرن ۾ ان ڪري نه ڏني وئي ته هو خاندان تي بوجهه بڻي بلڪه هو پنهنجي اولاد کي بهترين تعليم ڏياري بهترين تربيت فراهم ڪري. جڏهن هو پنهنجي اولاد کي بهترين انسان بڻائيندي تڏهن اهو مقالو ڏنو ويندو جيڪو بيان ٿيل اهي عورت پنهنجي پاڻ کي خود قيد ڪيو اهي جڏهن خواتين هن جديد دور ۾ بهادري جو ثبوت ڏنو ته هو وڏا ليبر به هيث ڪيا انهن ۾ مادر ملت محترمه فاطمه جناح، بينظير ڀٽو وغيره اهن. اڄ پاڪستان جي عورت تمام بهادر اهي پر هن بي علمي جي ڪري پنهنجا حقوق حاصل نه ڪيا ۽ ان جو اصل وجهه پاڪستاني قانون کان بي خبري اهي. هر عورت لاءِ علم حاصل

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڪرڻ تمام ضروري اهي.

## کتابیات:


۱ عبداللہ مرعی۔ اسلام اور دیگر مذاہب و معاشرت میں عورت کے حق، ص۔102 اسلامی پبلیکیشرز-لاہور

۲ سیدابوالاعلیٰ مودودی پردہ لاہور، اسلامک پبلیکیشرز-لاہور، ص۱۳۴۔

۳ مولانا محمدظفیرالدین اسلام کانظام عفت وعصمت، مکتبہ نذیریہ، لاہور ص۔ 34

۴ ڈاکٹر مبارک علی-تاریخ اوردعوت، ص۔۲۲ فضلی سنزز- کراچی

۵ جلال الدین عمری اسلامی معاشرہ میں عورت ص۳۴۔

۶ فریدوجدی مسلمان عورت۔ص۱۲۰۔

۷۔ خالدعلوی،اسلام کامعاشرتی نظام، لاہور پبلشر اردو بازار ۲۰۰۹ ص۳۶۵۔

۸۔ خالدعلوی اسلام کامعاشرتی نظام، لاہور پبلشر اردو بازار ۲۰۰۹، ص۸۶۳۔

۹۔ خالدعلوی،اسلام کامعاشرتی نظام،لاہور پبلشر اردوبازار ۲۰۰۹،ص۳۶۵

۰۱۔ القرآن سورہ العلق 7

۱۱۔ سراج السنه .طبع دمشق، ج۰۱۔ ص۲۹۰،

۲۱۔ خالدعلوی،اسلا م کامعاشرتی نظام، لاہور پبلشر اردو بازار ۲۰۰۹، ص۲۳۰

۳۱۔ القرآن سورہ ممتحنه:آیت 7

۴۱۔ خالدعلوی،اسلامك امعاشرتی نظام، لاہور پبلشر اردو بازار ۲۰۰۹، ص ۱۵۱۵۷۱

۵۱۔ بخاری الصحیح کتاب الجهاد باب فضل من اسلم من اهل کتابیین 1096، مطبوعه مصر، رقم2849،


© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



۱۶. القرآن سورہ العمران ۳۶

۱۷. القران 9:39

۱۸. القران 28:35

۱۹. سنن ابوداود کتاب العلم ص ۲۵-۱۳-۱۵، مطبوعہ مصر

20. Translate of Sahih Bukhari no.258 judgments Ahkaam vol 9 book.89 Qadimi kutub khana Karachi

21. lindsay,james E (2005) daily life in the medieval Islamic world ,greenwood publishing group p 196

22. Virami shafique N. the ismailies in middle ages A history of survival,a search for sahation (new york) oxford university press p. 159 .2007.

23. lindsay,james E (2005)Daily life in the medieval Islamic world ,greenwood publishing group .p. 197 .

24. lindsay,james E (2005)Daily life in the medieval Islamic world , group .p .196 to 198.

25. Francis robinson ,The British Empire and muslim identity in south asia oxford university press page 18.t0 21.

26 . Hope and despair for woman in Islamic states ufuk Goken OIC (January 19 2013.).

© rasailojaraid.com